1. ڊاڪٽر انور پرديسي
2. ڊاڪٽر مهر خادم

# پارس عباسيءَ جي شاعريءَ جا محرڪ: هڪ اڀياس
# Aspects of Paris Abbsi's Poetry- A Critical Study


## *Abstract:*

*ParasAbbsi was born on the 27thFebruary, 1965 in Sarmand's House at KhairpurMir's. She got her initial education from Khairpurthen she went to Hyderabad for higherstudies, she got Engineering Degree in Architecture from MehranUniversity of Engineering and Technology, Jamshoro.She started to compose poetry inage of 13 years and her first book "RESHMI AWAZ" was published in 1993. This book consists ofGeet, Doha, Haikus, Gazals, and Nazams, which are filled with skills and arts.*

*The style of her poetry is lucid,lovely and musical with tinge of fluent expression. It gives a good flow offeelings with attractive and charming way of writing. There are many aspects in her poetry which are globally recognized aspects of poetry. Generally, her poetry provides the exposure of literary trendsand techniqueswhich need to be exploredfor public.*


پارس عباسي 27 فيبروري 1965ع خيرپور ۾ ڊاڪٽر تنوير جي "سرمد جي گهر" ۾ پيدا ٿي. ابتدائي تعليم ڪان وٺي انٽر تائين هوءَ خيرپور ميرس ۾ پڙهي ۽ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ هن حيدرآباد جو رخ ڪيو. مهراڻ انجنيئرنگ ڪاليج ڄامشوري مان آرڪيٽيڪچر ۾ ٻي پوزيشن جي ماسٽرس ڊگري حاصل ڪئي. هن تيرنهن سال جي ننڍڙي ڄمار ۾ شعر لکڻ جي شروعات ڪئي. دنيا ۾ ڪيترائي اهڙا مثال موجود آهن، جو ڪنهن شاعر، اديب، عالم، دانشور، سياستدان ۽ ڪنهن ڏاهي پنهنجيان هن جا وارث سندس ڇڏيل واٽ تي هلندا آيا هجن ۽ وري دنيا ۾ اهڙا به انسان ولي، ڏاها، مفڪر ۽ شاعر ٿي گذريا آهن، جن جي پنيان پيو ڪو به انهن جي واٽ تي نه هليو آهي. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو ته: "اڪثر شاعرن، اديبن، دانشورن ۽ اڪابرن جي پنيان سندن پويان به

1. اسسٽنٽ پروفيسر، سپريئر سائنس ڪاليج خيرپور.
2. ايسوسيئيٽ پروفيسر، سنڌي شعبو شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور.

انهي شمع کي روشن رکيو ايندا آهن. سنڌ ۾ اهڙا ڪي مثال آهن: جيئن بيدل جو فرزند بيڪس، پير رشيد الدين جو پير رشدالله، جمال ابڙي جو فرزند، بدر ابڙو ۽ بيا. پر ڪن جي پنيان وارث طور ڪو به نه هوندو آهي. اهڙا مثال سنڌي ادب ۾ به ڪي آهن. شاهه ۽ سچل جا مثال موجود آهن. ” (1)

تنوير عباسي، انهن خوش نصيب شاعرن ۽ دانشورن جي لڙهيءَ مان آهي، جنهن جي شاعريءَ واري واٽ تي سندس پائر الطاف عباسي، ارشاد پارس عباسي ۽ اولاد مان سندس پياري ڌيءَ پارس عباسي هليا آهن. پارس عباسي پيار مان پنهنجي والد صاحب کي ”بابلا“ جي نالي سان سڏيندي هُئي. پارس عباسيءَ جي شادي 1991ع ۾ سندس پڦاٽ انجنيئر شاهد عباسي سان ٿي. هينئر هو اسلام آباد ۾ رهائش پذير آهي. سندس شاعريءَ جو مجموعو ”ريشمي آواز“ جي نالي سان 1993ع ۾ شايع ٿيو آهي. هي ڪتاب پوپٽ پبليشنگ هائوس خيرپور ڇپيو آهي. هي ڪتاب 64 صفحن تي مشتمل آهي. سندس شاعري غزل، گيت، نظم، دوها ۽ هائيڪن تي مشتمل آهي، جيڪي فڪر، فن ۽ خيال سان پرپور آهن. پارس عباسي جي شعر ۾ غضب جي رواني، ترنم ۽ نرم لب و لهجو استعمال ٿيل آهي،جنهن سان شعر ۾ شائستگي پيدا ٿيندي آهي.سادي ۽ سلوڻي ٻوليءَ ۾ بيان جو انداز دلڪش ۽ وڻندڙ آهي. ڀلا ڇو نه هجي هوءَ هڪ اهڙي شاعر جي گهر ۾ جنمي آهي، جنهن جو شاعريءَ ۾ هڪ وڏو نرالو نالو ۽ انداز آهي. ضرور سندس اهڙي نرم ۽ نازڪ لهجي ۽ روانيءَ واري شعر ۾ تنوير عباسيءَ جي تربيت واري نگاهه شامل آهي. دنيا جا جيڪي به شاعر آهن، انهن کي ڪنهن نه ڪنهن محرڪ، متحرڪ ڪيو آهي.

## محرڪ (Motive) جي وصف:

انسان جي اندر ۾ ڪيترائي درد اهڙا جنم وٺندا آهن، جو هو انهن جو اظهار ڪرڻ ته چاهيندو آهي پر ڪري نه سگهندو آهي هو سماج جي ناهيل قانون جي ڪري پنهنجي اظهار کي پنهنجي من ۾ لڪائي رکندو آهي. پر ڪو وقت اهڙو به ايندو آهي جو سندس من ۾ لڪيل اهي درد اٿل کائي ٻاهر نڪرڻ جي ڪندا آهن. ان وقت انسان بي وس ٿي پوندو آهي ته هاڻي ڇا ڪجي؟ انهن دردن کي ٻاهر اچڻ کان ڪيئن روڪجي. ڪڏهن ڪڏهن اهي درد ڳوڙهن جي صورت وٺي اسان جي نيڻ منجهان ماڪيءَ جي لاَروانگر وهي نڪرندا آهن ۽ ڪي درد وري تخليق جي صورت ۾ نروار ٿيندا آهن. انهن دردن ۽ خوشين جو ڪو نه ڪو اهڙو محرڪ هوندو آهي، جيڪو دٻيل دردن کي ٻاهر نروار ڪرڻ ۾ اهم

ڪردار ادا ڪندو آهي يا اهڙي قوت جيڪا انسان جي اندر ۾ ڪنهن فعل ڪرڻ لاءِ ڪا جنبش ڏياري، تنهن فعل ڪرڻ ۾ سندس ڪو غرض بہ شامل هجي، تنهن کي محرڪ چئبو آهي. محرڪ (Motive) لاطيني زبان جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي حرڪت (Moving) جيڪڏهن هن لفظ جي تشريح ڪنداسين تہ ماڻهوءَ جون اندريون ۽ ٻاهريون طاقتون جيڪي سندس هلت چلت جو ڪارڻ بڻجن، اهڙين سمورين قوتن کي محرڪات جي دائري ۾ آڻي سگهجي ٿو پر علم نفسيات مطابق محرڪ جو مطلب تہ ماڻهوءَ جو اهڙو لاڙو جيڪو ان کي ڪنهن ڪم ڪرڻ جي لاءِ آماده ڪري، محرڪ جي وسيلي ماڻهو ڪنهن نہ ڪنهن رخ ۾ پنهنجو خارجي عمل ظاهر ڪندو آهي. محرڪ جي وصف بيان ڪندي هڪ جلدي سنڌي لغت ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو تہ:" محرڪ، صفت (ع حُرڪ) حرڪت ڏيندڙ جنبش ڏيندڙ لوڏيندڙ چوريندڙ اُڀاريندڙ ۽ ڏوڏيندڙ وغيرهہ" (2)

محرڪ جا لاتعداد قسم ٿي سگهن ٿا. دنيا ۾ ڪيترائي اهڙا محرڪ آهن، جيڪي ڪنهن ڪم ڪرڻ لاءِ اتساهيندا آهن. مثال طور تي درد، حادثو حُسن، عشق، مزاحمت، بي وفائي، سچائي، فطري سونهن،خوشي، حادثا، انساني رويا، وڻ ٻوٽا، دريا، سمنڊ، ڍنڍون ڍورا ۽ پهاڙ وغيره. شاعريءَ جا تخليقي محرڪ ٿيندا آهن. شاعَر جڏهن ڪنهن حادثي، خوشي يا ٻئي ڪنهن حيرت انگيز واقعي سان وابستہ ٿيندا آهن. تڏهن سندن اندر جي محسوسات ۾ هڪ اوپر سان ٿڪڻ وارو عمل شروع ٿي ويندو آهي. انهي عمل دوران هواندر ۾ پڪل خيال يا سوچ کي ٻاهر ڪڍڻ تي مجبور هوندا آهن. جڏهن بيساختگيءَ سان سندن جذبو ظاهر ٿيندو آهي تہ شاعر ان کي فني لباس پهرائي شاعري يا ٻئي ڪنهن ادبي صنف جو فارم يا شڪل ڏيئي ڇڏيندا آهن. بدر ڌامراهو بحوالہ جيمس مائيڪل (James Michaelee) جي محرڪ جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو تہ: "محرڪ اهڙن عملن جو نالو آهي جن جي وسيلي ماڻهو داخلي طور تي ڪنهن رد عمل جي طرف لاڙو رکي. محرڪ اهڙين قوتن جو مجموعو آهي جيڪو لاڙي کي مقصد جي طرف ڌانهن ڇڪي ٿو." (3)

پارس عباسيءَ جي شاعريءَ جو هڪڙو محرڪ حادثو بہ آهي. جڏهن سندس نوجوان چاچو الطاف عباسي حيدرآباد کان خيرپور ايندي هٽڙي وٽ حادثي جو شڪار ٿيئي ٿو جنهن ۾ هو هميشہ لاءِ وڃي حقيقي مالڪ سان ملي ٿو. اهو حادثو پارس عباسيءَ جي شاعريءَ جو محرڪ بڻجي ٿو. هوءَ پنهنجي شاعري بابت پاڻ ٻڌائيندي لکي ٿي تہ: "جڏهن

سوچ ۽ سانجهه جي ڀَرپُور سميت، شعر جي سهڻي، سرهي ۽ شاداب ڌرتيءَ تي پير ڌريم، تہ ڄاتو ٿي ڪونہ هئم تہ ائين ڪو سپنن جو گهڙو ناهي، رات بہ ائين ئي رهي پونديس. سچ تہ شعر مون کي ائين لڳندا آهن، جيئن پاري جهڙي پونم جو اُهاءُ، جيئن ٻاتيءَ مان اُڀري ايندڙ کير جي اَڇي گج، جيئن ڄَرَ جي ٽِڪيءَ ٺڏو ساءُ، جيئن ٻارن جي پٽڪڙن هٿن ۾ ڪتمنڙا، لغڙ ۽ ڇِدا _ ! زندگيءَ ۾ پهريون نظم مون چاچا الطاف جي گذرڻ تي لکيو هو، جيڪو ٻاراڻي وهيءَ ۾ مون کان هيڏانهن هوڏانهن ٿي ويو." (4)

پارس عباسي جي جذبن ۾ گلڙن جهڙي تازگي نظر اچي ٿي. تازن گلن جي سونهن ۽ سوڀيا ۾ سندن ماليءَ جو وڏو ڪردار آهي. اهو مالهي سندس والد تنوير عباسي آهي، جنهن جي گهر ۾ هن نازڪ ڪليءَ جو جنم ٿيو آهي. سندس لفظن ۾ ميناج، نرمي ۽ رواني موجود آهي. جيڪا سندس والد جي تربيت جو اثر ڏسجي ٿو. انهي حسناڪين جي واکاڻ، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو هن ريت ڪري ٿو. " هن ڪتاب ۾ نوخيز شاعره جي جذبن جا گل ٽڙيا بينا آهن. انهن جي آبياري ۽ سار سنڀال ۾ ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جو هٿ يقيناً آهي. پارس وٽ جذبن جي پالوٽ آهي. هوءَ ان کي گهر ۾ موجود نرم لهجي ۾ ظاهر ڪري ٿي. مشاهدو ڪائنس هيئن چوائي ٿو. (5)

## خوشيءَ جو محرڪ:

"ڏونگهين ٽالهہ وٺي،
نچن ڳائن نيگريون_
ڀاءُ جي آهي ڇٺي." (6)

پارس عباسيءَ جي مشاهداتي سگهہ مٿين هائيڪي ۾ نمايان نظر اچي ٿي، جنهن ۾ نج سنڌي سماج جي رسمن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. جڏهن بہ اسان جي معاشري ۾ ڪنهن جي بہ گهر ۾ ٻار ڄمندو آهي تہ ان جي ساٺ سوڻن ۾ ڇهين ڏينهن ٻار جي ڇَٺِيءَ جي رسم ادا ڪئي ويندي آهي، جنهن موقعي تي ٻار جو نالو بہ رکيو ويندو آهي. ان موقعي تي گهر جا سڀ ڀاتي ڏاڍا خوش هوندا آهن ۽ سيني مِٺُ مائٽن کي دعوت ڏئي گهرايو ويندو آهي. پارس عباسي ان سڄي رسم جي منظر نگاري مٿين هائيڪي ۾ بيان ڪئي آهي. هڪ ٻئي هائيڪي ۾ بہ خوشيءَ جا منظر پسي سگهجن ٿا. معصوم ٻالڪ جي ٻولنۀ ٿڪن کي سرمائي شام ۽ پکل انبن جي منظرن سان مستعارڪري ٻالڪ جي ٻولن کي امر بڻائي ٿي ڇڏي.

"سُرمئي رنگ جا ڪنپ،
ٻالڪ جون ٻوليون مٺيون __
پڪل سونا انب." (7)

حالانڪ هائيڪو جپاني صنف آهي، جنهن ۾ ڪجهه تي رهيو هجڻ واري ڪيفيت هوندي آهي،جنهن ۾ منظر ڪشي موجود هوندي آهي. ٻه عڪس هن صنف لاءِ ضروري آهن. 1. Visual image هي بصري مشاهدو يا ڏسڻ وارو عڪس.2. Kinetic image.چرپر وارا عڪس. اهڙا ڪيترائي هائيڪا پارس عباسيءَ جا موجود آهن. اسان جي هائيڪو جي سنڌي شاعرن،مٿين ٻن خصوصيتن کان علاوه سنڌي مزاج کي ٻه نظر ۾ رکندي تجرباتي بنيادن تي ٻيون ٻه خصوصيتون شامل ڪيون آهن. جپاني اصل هائيڪي ۾ پهرين ۽ ٽيئن مصري جو هم قافيا هجڻ ضروري نه هوندو آهي پر سنڌي شاعريءَ ۾ ٻن مصرعن جو هم قافيا هجڻ ضروري آهي. ٻي خصوصيت جپاني بنيادي هائيڪو زين ٻڌ ڌرم تي ٻڌل آهي. زين ٻڌ ڌرم کي مجيندڙ يا پوئلڳ زين فلسفي مطابق فطرت سان هم آهنگي رکي صوفي هائيڪو يا روحاني هائيڪو ناهڻو آهي. ٻيا سماجي موضوع هن ۾ شامل ناهن ڪرڻا پر اسان جي سنڌي هائيڪي جي مزاج ۾ سنڌي تصوف جيڪو سنڌي شاعريءَ جي مزاج ۾ شامل آهي. اُهو سنڌي شاعرن وٽ موجود آهي. اها ٻه سنڌي هائيڪي جي پاڪستان ليول تي لکيل پنجابي، اردو ۾ لکيل هائيڪن کان مختلف آهي. پارس جي شاعريءَ ۾ مٿين معيارن تي، ان جون ڪجهه جهلڪيون موجود آهن. جنهن ۾ منظر ڪشيءَ سان گڏو گڏ سماج ۾ مروج ريتن رسمن، سنوڻ ۽ ساٿ ڏي اشارا ٻه شامل آهن.مثال طور:

"ست- رنگو پيو مينهن،
مور- کنڀن جهڙا ماٺهو__
هوليءَ وارو ڏينهن."

هن هائيڪي ۾ مينهن پوڻ کان پوءِ آسمان تي جيڪي انڊلٺي رنگ نروار ٿيندا آهن. هو ٻهو اهي رنگ مور جي کنڀن وانگر نظر ايندا آهن. شاعره ڪمال جي مشاهدي سان انهن خوبصورت پلن ۽ رنگن کي هوليءَ جي ڏڻ جي رنگن سان ڀيٽ ڏئي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن. هوليءَ جو ڏينهن سنڌي سماج جي ريتن ۽ رسمن سان سلهاڙيل ڏڻ آهي. سنڌ جا مسلمان عيدالفطر ۽ عيدالا ضحيٰ وڏي ڌام ڌوم سان ملهائيندا آهن. جنهن موقعي تي ڪيترائي رنگ برنگي ويس وڳا پاتا ويندا آهن. انهن ڏينهن ۾ ائين محسوس ٿيندو آهي ته چڻ چنڊ ستارن سميت ڌرتيءَ تي خوشيءَ منجهان جهومندو نچندو هجي. ساڳيءَ

طرح وري سنڌ ۾ هند جا هندو هوليءَ جي ڏڻ جي موقعي تي ائين ئي جرڪندا هڪٻئي کي رنگن سان رنگيندا نظر ايندا آهن. اهي پل دل کي خوشي ڏيندڙ هوندا آهن.

**اوچتائپ وارو محرڪ:**

”ٻوٽن ۾ ڪٽ سٽ،
چرڪي نڪتا اوچتو_
هو سنهڙا پوپٽ.“ (8)

مٿين هائيڪي ۾ اوچتائپ (suddenness)ڪيفيت وارو محرڪ آهي. مالهي جڏهن ڪينچيءَ سان ٻوٽي کي ڪٽڻ شروع ڪري ٿو ته اوچتو ان ۾ ويٺل جيت جڻا چرڪ ڀري ٻاهر نڪرن ٿا. انهي عمل ذريعي حادثاتي طور تي نئون منظر وجود ۾ اچي وڃي ٿو ۽ شاعره جي تخليقي صلاحيت جو ڪمال آهي ته هو انهي حادثاتي ڪيفيت کي يڪدم لفظن جو روپ ڏئي وٺي ٿي ۽ مناسب لفظ سندس مشاهدي کي ساٺ ڏئي منظر عام تي آڻن ٿا. هن هائيڪي ۾ ڪجهه ٽيڙواري ڪيفيت متحرڪ عڪس ٺاهي ٿي. اصل ۾ شاعر جو ڪم عڪس تخليق ڪرڻ ئي آهي. پارس عباسي هائيڪن ۾ هڪ اهم خوصوصيت اها به آهي ته هوءَ هڪ هائيڪي ۾ به عڪس پيش ڪري ٿيءِ انهي عمل ذريعي پڙهندڙ جي هن تي ڪو بار به نه ٿو ٿئي.

”بوندن جي جهر مر،
ميهن، واچ بي ساختو_
واريءَ جي ڪِر ڪِر.“(9)

هن هائيڪي ۾ هوا جي بي ساختگي ڏانهن اشارو آهي، هوا جو اوچتو لڳڻ مان جسم کي ڇهڻ وارو عڪس ٺهي ٿو. هوا جو تيز ڇهاءُ شاعره جي اندر ۾ جذبن جي جنبش آڻي ڇڏي ٿو. اها جذباتي جنبش ۽ اندر واري آنڊ ماند هڪ نئين هائيڪي لاءِ لفظن جي صورت گهڙي وٺي ٿي. شاعره پنهنجي اندر جي ڪيفيتن کي ٻاهر جي ماحول سان ملائي هائيڪو ۾هڪ خيال جي هيڪڙائي کي جنم ڏيئي ٿي. اها هيڪڙائي يا فني وحدت هڪ شاعره جي ڪاريگري واري هُنر کي ظاهر ڪري ٿي.

**حرارت وارو محرڪ:**

”پگهر ٽڏو ٿي ويو،
گورل پنهنجي ڪانڌ کي_
وڃڻو پئي جهليو.“ (10)

هن هائيڪي ۾ پگهر ٽڏو ٽي وڃڻ (Thermo image) واري حرارت وارو عڪس آهي ۽ آخري مصرع ۾ وچٺو پئي جهليو ۾ متحرڪ عڪس آهي. هن ۾ ٻئي خاص ڳالهہ اها آهي تہ بہ عڪس چڙواڳ يا اڪيلا ٿي وڪري نہ ٿا وڃن پر انهن کي شاعره مرڪزي نڪتي تي قابو بيماري چڙي ٿي. اها ست مصرع آهي. ”گورل پنهنجي ڪانڌ کي“ جيڪا مٿين سٽ ۽ هيٺين سٽ کي معنيٰ ۽ مفهوم وسيلي ملائي ڇڏي ٿي. اهو عمل شاعره جي تخليقي پهچ جي وڏي ڪاميابي آهي. انهي کان علاوه هن بجليءَ واري دؤر ۾ جنهن ۾ هوائي پکو ۽ اي_سي جا تصور موجود آهن، جنهن ۾ شاعره خود رهي ٿي پر سندس مشاهدي جو ڪمال آهي تہ پنهنجي ذاتي زندگيءَ مان نڪري، هوءَ پاڻ کان ٻاهر واري زندگي جيڪا ڳوٺاٽي جيوت ۾ ڦهليل آهي، اتان هو هڪ انوکو منظر جهٽي وٺي ٿي ۽ ان کي سادن سودن فطري لفظن جو لباس پهرائي ٿي. هن جي منظرن جي هڪڙي اها بہ خصوصيت آهي تہ هو پنهنجي شاعر والد صاحب وانگر فطرت جي شاعر ورڊس ورٿ کان متاثر آهي ۽ هوءَ فطرت جي منظرن جو شاعراڻہ انداز ۾ اپياس ڪري، ورڊس ورٿ واري ۽ تنوير عباسي واري روايت کي جاري رکي اڳتي وڌايو آهي. هائيڪو جي فن بابت تنوير عباسي لکي ٿو تہ: ”هائيڪو پنجن ماترائن تي مشتمل هوندو آهي ۽ ان جي پهرين ۽ آخري سٽ جو قافيو ساڳيو ملندو آهي، جا هائيڪو لاءِ ضروري آهي، اها آهي فطرت سان لاڳاپو. هائيڪو ۾ فطرت جو ذڪر هجڻ ضروري آهي. هائيڪو جي ٽيئن ۽ لازمي ڳالهہ آهي ڪنهن واقعي ڏي اشارو هجي. چوٿين لازمي ڳالهہ آهي ان واقعي جي ڪنهن مسلسل عمل کي 'ڪٽي رهيو هجڻ' جي حالت ۾ قلمبند ڪيو وڃي _ زمان حال استمراري هجي. “ (11)

هن صنف جو پنهنجو الڳ فارميٽ ۽ وزن آهي. جيڪو پنج ست پنج تي آڌاريل آهي. يعني پهرين سٽ ۾ پنج پد ٻئي سٽ ۾ ست پد ۽ ٽين آخري سٽ ۾ وري پنج پد هجن. پهرين سٽ ۽ آخري سٽ ۾ قافيو هوندو آهي. بهترين هائيڪو فطرت جي نظارن سان ٽمٽار هوندو آهي. هائيڪي ۾ بيان اهڙي طرح جو هجي جو ان مان لڳي تہ ڪجهہ ٿي رهيو آهي ۽ ڪنهن ڳالهہ يا منظر ڏي اشارو هجي. پارس عباسيءَ جا هائيڪا فطرت نگاري سان همڪنار آهن. سماج جي بہ ڪيترن ئي اهم مسئلن ۽ ريتن رسمن ڏي اشارا بہ موجود آهن. هائيڪي ۾ فطرت جي منظرن جي منظر نگاري چٽيل هوندي آهي، مثال ڏينهن ڏورا، وڻ ٽڻ، گل ٻوٽا، جبل نديون، درياهہ، سمنڊ، مينهن جي رم جهم، چنڊ ستارن جا آسماني نظارا، سماج جي رسم و َ رواج جا عڪس ۽ حُسن جا تجلا وغيرهہ شامل هوندا آهن، ماضيءَ جو هي مثال:

"سج سپا ڳوسو،
ميربحر ڏنڀرو جهليو_
ميلي تي سنڀريو."(12)

ميربحر جو ڏنڀرو پڪڙڻ، ان کان پوءِ ميلي تي وڃڻ لاءِ سنڀرڻ ٻه چر پ ُر وارا عڪس آهن. جنهن ۾ ڪجهه ٿي رهيو هجڻ واري ڪيفيت آهي. هي هائيڪو وقت جي حساب سان، زمان ماضي جي صيغي ۾ چيل آهي.

## سڪ ۽ اُڪير وارو محرڪ:

"سڪ جو ڪهڙو ڇيهه َ ؟
سڪر، سنڌي ۽ سنڌو_
پايل آ پر ڏيهه."(14)

مٿين هائيڪي ۾ پارس عباسي پنهنجي اندر جي اڌمن ۽ ڪيفيتن ڏئي اشارو ڪيو آهي ته سڪ جو ڪو به آند پاند ناهي، سيئي نظارا ته موجود آهن پر انهن نظارن ۾ تون مون سان گڏ ناهين ته جڻ اُهي نظارا منهنجي لاءِ بي معنيٰ آهن. ان هائيڪي ۾ هو پنهنجي سڪيلڌي ياءُ سرمد عباسي ڏي اشارو ڪري ٿي ته سنڌو به آهي سنڌي به آهن، سنڌ جون سموريون حُسناڪيون به منهنجي سامهون آهن پر جي پايل تون ناهين ته اهي سمورا فطرتي نظارا منهنجي لاءِ راحت پهچائيندڙ نه آهن. چاڪاڻ جو انهن فطرتي رنگن ۽ روپن جو حظ تڏهن حاصل ٿيندو، جڏهن تون مون سان گڏ هجين. اندر جون اهڙيون لا تعداد ڪيفيتون سندس هائيڪن ۾ موجود آهن. اهڙي نموني سان سندس دوهن ۾ به اهڙا ڪيترا ئي رنگ ۽ ڪيفيتون پ َسِي سگهجن ٿيون، جن ۾ جذبن جي اظهار ۽ اندر جي احساسات سان گڏ فطرتي سونهن ڏي اشارا موجود آهن.

"پاٽياريءَ جو َ نگهٽَتي، پاي َل وارو پيُر،
پرهه ڦٽيءَ جو پهريون سجُ ۽ جل تي ناهي ڪيُر. "(15)

مٿين دوهي ۾ هڪ ڳوناٽي ڇوڪريءَ جي کوهه تان پاٽي ڀرڻ واري منظر کي عيان ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ ڇوڪري جي پيرن ۾ پاتل پايل جي جهنڪار جي آواز سان صبح جي پهرين پهر جي عڪاسي ڪئي وئي آهي، جنهن پهر ۾ پکين جون منڙيون لاتيون، روح پرور منظر، ذهني سڪون جو باعث بڻجي رهيون آهن. هڪ تخليقڪار لاءِ اهي منظر دل لُبائيندڙ هوندا آهن. اهي عڪس شاعره جي ذهن کي جهنجهوڙي ۽ لکڻ تي آماده ڪري رهيا آهن. انهن فطري منظرن ۾ پايل جي جهنڪار وارو آواز موسيقيءَ جي سرگم واري سُرن کي

جنم ڏيئي رهيو آهي. برڪت بلوچ لکي ٿو ته: ”انساني زندگيءَ جو وجود ڪائنات جي سمنڊ جي دائري ۾ آهي. انساني وجود کي شعور آهي. جيڪو ڏسندو سو سوچيندو. شاعر ڪيئن سوچيندو ۽ ڳالهه ۾ شاعر کي خاص نظر (Inner vision) اندروني نظر يا روحاني نظر به ٿئي ٿي. ڪائنات جا دلفريب منظر هن کي وجدانيت انگيز ڪيفيتون ڏيندا رهن ٿا. فطرت جو تصوف ۾ رومانس پيار جا سگهارا جذبا پيدا ڪندو آهي. “ (16)

## قرباني وارو محرڪ:

هي معاشرو جيتوڻيڪ مردن جو سڏجي ٿو پر هن سنيوارجي ويل سماج کي سڌارڻ ۽ سنوارڻ ۾ عورت جو ڪردار به اهم آهي. عورت قدم قدم تي پنهنجي ور کي همٿائيندي رهي ٿي. عورت کان سواءِ سماج کوڪلا هوندا آهن. زندگيءَ جا هي جيڪي اندلٺي رنگ آهن، اهي عورت جي بدولت آهن. عورت سونهن جي ديوي آهي پر هڪڙيون عورتون ان سونهن کان به وڌ آهن، جيڪي تخليقڪار آهن. انهن جون رچيل تخليقون پنهنجي پهڻ بڻجي ويل سماجن جي اوسر ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون. اسان جي سنڌي سماج ۾ ڪيترائي اهڙا قصا ۽ داستان موجود آهن. عورت هر قدم تي پنهنجي ور ۽ ڌرتي جي اهنجن کي دور ڪرڻ لاءِ قربانيون ڏنيون آهن. اهي قربانيون جسماني هجن يا تخليقي، پارس عباسي به پنهنجي تخليقن ذريعي پنهنجي سماج ۽ سنڌ جي خوشحاليءَ لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي. هو پنهنجي سانول سان مخاطب ٿيندي چوي ٿي.

”سنڌ جي سينڌِ ۾ سنڌوءَ تي،
سج شفق سِندور اوتي.
سانول اهڙو ساٿ ڏئي!
بِ ُسي ۾ خالي ڪپڙي تي،
گُورل سندي گج پري.
سانول اهڙو ساٿ ڏئي!
چمپا جهڙي چهري تي،
ڳاڙهي بنديا پئي جرڪي.
سانول اهڙو ساٿ ڏئي!
جيون چج ۾ چنڊجي پئي،
باقي وڃي نج پيار بچي.
سانول اهڙو ساٿ ڏئي!“ (17)

زندگيءَ جي هن سفر ۾ ڪيترائي لاها چاڙها ايندا آهن. انسان اهي لاها چاڙها اڪيلو عُبور نہ ٿو ڪري سگهي. گاڏي بہ ٻن پيرن سان هلندي آهي، هڪ هٿ سان تاڙي بہ ناهي وڄندي.تنهن ڪري جيون جي هن اُجهاڳ سفر ۾ همسفر جو ساٿ نہ هوندو تہ منزل ڪانہ ماڻي سگهبي. ائين ئي سماج جي سورن، دردن کي دفع ڪرڻ لاءِ بہ سماج جي ماڻهن جو ساٿ گهربل هوندو آهي. جيئن هڪ انقلابي اڳواڻ کي تبديلي آڻڻ لاءِ رڳو آدرش ڪم نہ ٿا اچن پر هو انهن آدرشن ذريعي سماج کي هڪ هنڌ ڪنو ڪري، پوري طاقت سان منزل طرف وڌندو آهي. مٿين وائي ۾ بہ پارس عباسي پنهنجي همسفر کي اها ئي التجا ٿي ڪري تہ تنهنجي ساٿ کان سواءِ سانول زندگيءَ جو هي سمنڊ اڪيلو پار ڪري نہ ٿو سگهجي، تنهن ڪري تنهنجي ساٿ جي سخت ضرورت آهي. جئين سج اونداهيءَ کي چيري پنهنجي شفق سان ڌرتيءَ کي روشن ڪندو آهي، جيئن ڪوري ڪپڙي تي ڳوناٽيون عورتون پرٽ پريندڀون آهن، جيئن عورت پنهنجي سينڌ ۾ وفا جو سندور پريندي آهي، جيئن ڪٽڪ کي چنڊي چاٽي ٿُهر ۾ مٿي ڏار ڪري باقي صاف شفاف ان ڏاٽا بچندا آهن. سانول مون کي زندگي جي اُجاڙ سفر ۾ تنهنجو ساٿ اهڙو گهرجي، جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪا لالچ نہ هجي، جنهن ۾ نج پٽو هجي. اسان جي سماج ۾ عورتن کي رڳو لاچار سمجهيو ويندو آهي،هنن کي صرف مردن تي انحصار ڪندڙ ڪري پيش ڪيو وڃي ٿو.پر پارس عباسي پنهنجي سماج ۾ جيڪي تبديليون چاهي ٿي، اهي اهم آهن. انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ آدرشي انسان جو ساٿ کپي، جيڪو پنهنجي اصولن تي سوديبازي نہ ڪري.جيڪو مون سان ان معاشري جي تبديلي ۽ سنوار ۾ ائين گڏ هجي، جيئن مٿي ۾ سندور، جئين اونداهيءَ ۾ شفق جو ڪرٽو سچو ڪرو بي لوث محبت ڪندڙ تڏهن وڃي اسان سماج کي متحرڪ ڪرڻ ۾ ڪامياب ويندا سين.

**فطرتي محرڪ:**

موسمون بدلجن ٿيون، رُتون بدلجن ٿيون، انهن جي بدلجڻ سان اندر جون ڪيفيتون بہ بدلجن ٿيون، سوچون بہ بدلجن ٿيون، تخليقون بہ جنم وٺن ٿيون، جيڪي انساني سماج کي بدلايو ڇڏين. انهن رنگن ۽ رُتن جي بدلجڻ سان فطرتي رنگ نکري پون ٿا، جن جا انساني مزاج تي گهرا اثر پوندا آهن. پوپٽ جا رنگ فطري سونهن جا اُهڃاڻ آهن. سونهن پسڻ سان من کي هلڪائي محسوس ٿيندي آهي. انسان جا غم وهلور ڪري هليا ويندا آهن. جنهن انسان جي نگاهہ ۽ من ۾ اهڙي سندرتا موجود هوندي آهي،اهو ئي انسان زندگي جي هر قدم تي خوش نظر ايندو آهي. اها خوشنمائي انساني قدرن جي واڌ

ويجهه لاءِ لاپائتي ثابت ٿئي ٿي. پارس عباسي رُت جي اهڙي بدلجندڙ موسم جي هڳاءَ کي هيئن ٿي بيان ڪري.

"هلڪو هلڪو واءُ لڳي پيو،
ترندو آيو ڪنول،
هوريان هوريان هل!
پاڻءِ ته پوپٽ اڏري ايندا،
پ َٿَ جو ڪاچ ڪيل،
هوريان هوريان هل!" (18)

## انساني روين وارو محرڪ:

انسان جا رويا به اسان جي سماج جي بهتري ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. هڪڙن انسانن جا آدرش صدين تائين انسان ڪيترن ئي ڳٽتين ڳارن جي ور چڙهيل هجي پر پنهنجي زندگي هنج ۾ ڪونجن وانگر گذاري، يعني زندگي تحرڪ جونالو آهي. انسان متحرڪ هوندو ته منزل تي رسندو،سماج ۾ تبديلي به متحرڪ ٿيڻ سان ئي ايندي آهي،پنڌ پهڻ تي زندگي گهارڻ مان ڪجهه ناهي ورڻو. زندگي تحرڪ ۾ آهي ته انسان منزل ۾ خوشيون ضرور ماڻيندو جيڪي انسان محبتن جي مياڻ ۾ آهن، انهن کي نفرتن جي تلوارن کان ڪو به پؤ ڪونهين. اهي نفرتن جا جيترا به تير وسائيندا ناڪام ئي رهندا. محبت جي منزل ۾ احساسن جا آڪيرا اهي پکي ماڻيندا، جيڪي مسلسل فڪر سان منزل طرف روان دوان آهن،جن رستن تي نفرتن جا چار اٽيا،اهي اتي ئي رهجي ويندا.

انساني رويا جُڙن ٿا، جيڪي ڪيس متحرڪ بنائڻ ۾ اهم ڪردار نڀائين ۾ زندگيءَ جي سفر ڏانهن روان دوان رکڻ ۾ مدد ڪن ٿا.

"سيئي هنج ڪونجون اڏاري ڇڏيو،
هي جيون ائين ئي گذاري ڇڏيو،
اسان محبتن جي پناهن ۾ ۽
اوهان نفرتون پل وڏائي ڇڏيو." (19)

مٿين غزل جي سٽن ۾ زندگي گهارڻ جي فڪر کي بيان ڪيو اٿس. عابده گهانگهرو لکي ٿي ته: " فڪر جا وري به مفهوم آهن هڪ ڳٽتي يا پريشاني ۾ بيو سوچ سان

واسطو رکي ٿو هن جي معنيٰ آهي عقل ۽ استعدلال. فکر هڪ سوچ جي ڏارا آهي ۽ خيالن جو پيمانو آهي. فکر جڏهن کنهن خاص وهکري ۾ وهي ٿو ته اهو فلسفي جي مد ۾ اچي وڃي ٿو.“ (20)

”جتي منتظر ٿا رهن،
کيئي مانجهي،
انهن جزيرن ڏي،
ويٺو ته آهي.
۽ ساهي پٽي،
رات ڪاري ڪٽي،
هاءِ مهمان - خانن کي،
ڇڏٽو ته آهي.
سفر آ ڏکيو ۽ ڊگهو پيچرو،
انڌيرن کان پهرين ئي،
ورٽو ته آهي.
تجي ايڏو سپنن ۾ گم،
چوپلا جو،
حقيقت جي دنيا ۾،
اچٽو ته آهي.“(21)

مٿين نظم ۾ فکر، فن، خيال ۽ رواني ۽ جي گونا گوني موجود آهي. انسان ڪوشش ڪندو آهي ته زندگيءَ جو ساٿ اهڙن انسان سان يا اهڙي معاشري سان ڳنڍجي، جيڪي سماج اصول پرست، آدرش، فکر، هنر، ڏاهپ ۽ سچائيءَ سان همڪنار هجن. هاڻي اهي ڪهڙا جزيرا آهن، جن جي تلاش اسان جي هيءَ تخليقڪار ڪري رهي آهي. اها هڪ وجود جي دنيا آهي، جنهن جي اڳيان بيا سيئي وجود بي معنيٰ آهن. آخر ڪار انسان جي اها آخري منزل آهي، جتي هن کي باقي رهڻو آهي. هي دنيا مهمان خانو آهي، هڪ نه هڪ ڏينهن هن فاني دنيا کان انسان کي ڪوچ ڪري حقيقي دنيا ڏانهن موٽڻو آهي. هيءَ جيڪا بي بقا ۽ فنا زندگي آ، جنهن ۾ ڪيئي روشنيون، رنگنيون، حسناڪيون جهلڪندي نظر اچن ٿيون، انهي زندگيءَ ۾ باٽ اونداهيون به آهن. جيڪي انسان کي ڏکن، غمن، دردن، سورن جي صورت ۾ مليا آهن. اهي درد جا درياهه به انسان کي پار ڪري اُتي

پهچڻو آهي، جتي ”تون“، ”مان“ جو ڪو بہ مت ڀيد ڪونهين. جتي صرف ”تون“ هي ”تون“ جي وائيءَ جي پڪار آهي. دنيا جي انڌيرن کي مات ڏئي سچائيءَ جي سفر تي هلڻ سان ڏکيائيون تہ ملنديون پر انهن ڏکيائن کي محبت جي فڪر ۾ آدرشن سان مات ڏئي، انڌيرن کي روشنيءَ ( سچ) جي سيج تي ورائڻو آهي. اهو ئي زندگيءَ جو حقيقي ثمر آهي، جنهن جي تلاش ۾ ڪنڌن جي سيج، رت جي دريائن کي پار ڪري پهچڻو پوي ٿو. پارس عباسيءَ جي خيالن، فڪرن ۾ اونهائي سان گڏو گڏ سچ کي حاصل ڪرڻ لاءِ بي پناهہ طاقت موجود آهي. سندس شاعريءَ جو محور، سماج کي تبديل ڪرڻ، انهن ۾ نوان ولولا پيدا ڪرڻ جي سگهہ نمايان نظر اچي ٿي. هو پنهنجي وطن جي مٽيءَ جي خوشبو سان، وڻن ٽڻن، ٻوٽن، دڙن، ريگستانن، دريائن، سمنڊن سان بي پناهہ محبت جو اظهار ڪري ٿي. سندس غزلن، واين، هائيڪن، دوهن، بيتن ۽ نظمن ۾ اهي سموريون حسناڪيون، سمورا فطري منظر، پوري سنڌي سماج جي ريتن، رسمن جا انڊ لني رنگ، پکين جون لاتيون، جانورن، جيتن جڙين ۽ ٻوٽن جا قدرتي رنگ روپ، رقص، رم جهم، روز مرهہ جي شين جا انداز، ڍنگ، گرمي، سردي جا احساس، جذبن جي جولاني، بهادري ۽ خوشي سان ڀريل گيت ۽ نغما جابجا سندس تخيل ۾ نظر اچن ٿا.

**حوالا:**


1. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر. تنوير عباسي (هڪ مطالعو). حيدرآباد: گنج بخش ڪتاب گهر، 2000ع، ص 116.
2. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، هڪ جلدي سنڌي جامع لغات. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي، 2006ع، ص 612.
3. ڏامراهو قمرالدين، بدر. نفسيات جا اصول. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن، 2012ع، ص 90.
4. عباسي، پارس. ريشمي آواز. خيرپور ميرس: پوئيٽ پبلشنگ هائوس _ سنڌ ٻالڪ سنگت، سنڌ، 1993ع، ص 1.
5. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر. تنوير عباسي (هڪ مطالعو).حيدرآباد: گنج بخش ڪتاب گهر، 2000ع، ص 117
6. ساڳيو، 1993، ص 11.
7. ساڳيو، 1993، ص 10.
8. ساڳيو.، 1993، ص 9.
9. ساڳيو، 1993، ص 11.
10. ساڳيو، 1993.، ص 11.

11. عباسي، تنوير. ترورا. ادبي مضمون، خاڪا ۽ سفر نامو.حيدرآباد:سهڻي پبليڪيشن. 1988ع. ص24.
12. عباسي، پارس. ريشمي آواز. خيرپور ميرس: پوپٽ پبلشنگ هائوس _ سنڌ ٻالڪ سنگت، سنڌ، 1993ع. ص13.
13. ساڳيو. 1993ع. ص 13.
14. ساڳيو. 1993ع. ص **15**.
15. ساڳيو. 1993ع. ص16.
16. بلوچ، برڪت. پتائي 7. (تنوير عباسي نمبر) مضمون. تنوير عباسيءَ جو زندگيءَ بابت نظريو. خيرپور: سنڌي شعبو شاهه عبداللطيف يونيورسٽي.2002ع. ص 76.
17. عباسي، پارس. ريشمي آواز. خيرپور ميرس: پوپٽ پبلشنگ هائوس _ سنڌ ٻالڪ سنگت، سنڌ، 1993ع. ص 19.
18. ساڳيو.1993ع. ص 36.
19. ساڳيو. 1993ع. ص 5.
20. گهانگهرو، عابده، ڊاڪٽر.شيخ اياز صدين جو سرجڻهار. ڪراچي: سنڌيا پبليڪيشن. 2017ع. ص 30.
21. عباسي، پارس. ريشمي آواز. خيرپور ميرس: پوپٽ پبلشنگ هائوس _ سنڌ ٻالڪ سنگت، سنڌ. 1993ع. ص 5.